# مصطفي ڪمال اتا ترڪ

مصطفي ڪمال اتا ترڪ، ترڪي جو پهريون صدر هو، هن ترڪي کي 1923 ۾ جمهوريه جي نالي سان قائم ڪيو. اتا ترڪ سندس لقب هو جيڪو ترڪي جي پارليامينٽ کيس عطا ڪيو.

مصطفي ڪمال 1881 ۾ سلونيڪا ۾ پيدا ٿيو. هي شهر هڪ يوناني بندرگاه هو، جنهن کي 1430 ۾ ترڪي جي عثمانيه سلطنت فتح ڪيو هو ۽ ان جو نالو بدلائي سلونيڪه رکيو. 1912 ۾ يونان هن بندرگاه کي ٻيهر حاصل ڪري ورتو ۽ ان جو اصلوڪو يوناني نالو ٿهيسل اونيڪي بحال ڪري ڇڏيو.

مصفطي جڏهن ستن سالن جو هو ته سندس پيءُ وفات ڪري ويو، هن جي ماءُ هن کي هڪ مذهبي اسڪول ۾ داخل ڪرايو، پر ٿوري ئي عرصي کان پوءِ هن کي هڪ سيڪيولر (دنيوري) اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. اتان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هو هڪ ملٽري اسڪول ۾ داخل ٿيو. هتي ان جي ڪارڪردگي تمام گهڻي سٺي رهي، ايستائين جو حساب جي مضمون جي استاد هن جي هشياري کان ايترو ته متاثر ٿيو جو کيس ”ڪمال“ جو خطاب عطا ڪيائين. هي لقب ”مصفطي ڪمال“ جي صورت ۾ سدائين ساڻس گڏ رهيو.

ملٽري هائي اسڪول مان تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هن استنبول (ان وقت ترڪي جي گادي جو هنڌ) ۾ قائم ملٽري ڪالج ۾ داخلا ورتي، آخر ۾ اسٽاف ڪالج ۾ وڃي هن پنهجي تعليم ۽ فوجي تربيت مڪمل ڪئي.

پنهنجي فوجي پيشي ۾ مصطفي تمام گهڻي عزت ۽ شهرت ماڻي ۽ ان ڪانسواءِ هن ڪجه سياسي تحريڪن ۾ پڻ حصو ورتو، انهن مان هڪ تحريڪ جو نالو ”ترڪي جي نوجوان

ترڪ انقلاب‘‘ هو. انهيءَ تحريڪ سلطان عبدل حميد (دوئم) کان حڪومت کسي ورتي، جنهن کان پوءِ سندس پاءَ حڪومت جو واڳون سنڀاليون.

پهرين عالمي جنگ 1914 ۾ شروع ٿي، ترڪي هن جنگ ۾ مکيه طاقتن يعني، جرمني، هنگري، آسٽريا ۽ بلغاريه جو ساٿ ڏنو. ٻئي طرف اتحادي هئا انهن ۾ فرانس، برطانيه، روس ۽ اٽلي شامل هئا. مکيه طاقتون هي جنگ هارائي ويون ۽ اتحادي پاسي وارا جنگ کٽي ويا. هاڻي هارايل عثمانيه سلطنت يعني (ترڪي) اينتري ته ڪمزور ٿي وئي جو اتحادين خاص طرح سان برطانيه ۽ فرانس ترڪي جو ورهاڱو ڪندي انهن جي حصن تي قبضو ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي پر هو ڪجھ نه ڪري سگهيا.

مصفي ڪمال جيڪو ان وقت ترڪ قومي تحريڪ جو اڳواڻ هو، ان ترڪ آزادي جي جنگ ۾ سندن منصوبي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو ۽ پوءِ 1912 ۾ عثمانيه سلطنت کي ختم ڪيو ويو. 1923 ۾ ترڪي جي نين سرحدن، خودمختاري ۽ جمهوريت کي تسليم ڪيو ويو. ترڪي جو نئون گادي جو هنڌ هاڻي ’انڪاره‘ هو ۽ مصطفي ڪمال ان جو پهريون صدر هو.

هن اهو عهدو سنڀاليندي ئي ملڪ جي سڌاري لاءَ ڪوششون ورتيون. سندس عزم هو ته هو ملڪ مان غربت ۽ تعيلم جي گهٽتائي ختم ڪندو، عورتن کي سندن سمورا حق ڏياريندو ۽ ترڪي کي دنيا جي اسريل ملڪن جي برابر آڻي بيهاريندو. اهي قدم کڻڻ کان اڳ ترڪي ۾ تعليم جي نسبت ڏهه في سيڪڙو هئي، هن هزارين اسڪول کولرايا، جن ۾ ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين جي تعليم مفت ۽ لازمي هئي. ڳوٺاڻين عورتن جي تعليم ته ٻڙي درجي کان ڪو ٿورو ئي مٿي هوندي.

ترڪي ٻولي ان وقت عربي رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي، مصطفي ڪمال 1928 ۾ ترڪي ٻولي کي عربي بدران لاطيني رسم الخط ۾ بدلايو، جنهن ۾ انگريزي ۽ ٻيون يورپين ٻوليون لکيون وڃن ٿيون. رسم الخط بدلائڻ جا جيڪي سبب ٻڌايا ويا اهي هن ريت هئا؛

ترڪي ٻولي ۾ ڪيترائي اهڙا آواز هئا جيڪي عربي ٻولي ۾ لکڻ مشڪل پر لاطيني ٻولي ۾ لکڻ سولا هئا.

لاطيني ٻولي ۾ لکيل ترڪ آساني سان سکي سمجهي سگهن ٿا.

ترڪي ٻولي کي عربي رسم الخط مان ڪڍي لاطيني رسم الخط ۾ آڻن جو مقصد اهو پڻ هو ته مصطفي ڪمال ترڪن کي انهن يورپين ملڪن جي ويجهو آڻڻ پيو چاهي جيڪي جديد علم ۾ تمام گهڻي ترقي ڪري رهيا هئا ۽ جن جي ٻولين ۾ اهو سمورو علم محفوظ ٿي رهيو هو.

ترڪي ۾ تمام گهڻا مدرسا هئا، مصطفي ڪمال انهن مان وڏي تعداد ۾ اهي مدرسا بند ڪرائي ڇڏيا، باقي فقط ڪجه اهي مدرسا رهڻ ڏنا ويا جن ۾ رڳي اهي شاگرد جن کي مسجدن جو پيش امام بنجڻو هو، اهي اتي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري سگهن پيا.

لاطيني رسم الخط رائج ڪرڻ سان فائدو اهو ٿيو ته ترڪي ۾ تعليم جي شرح تيزي سان وڌڻ لڳي، ايستائين جو ڏهن سالن ۾ ڏه سيڪڙو کان وڌي ٺيهه  في سيڪڙو ٿي وئي.

20 / 25  ۾ ڪجهه ملڪن جي تعليم جي شرح في سيڪڙو :  ترڪي   ٪ 97  - ايران ٪ 91-  بنگلا ديش  ٪ 75  -  ڀارت   ٪ 66 -  پاڪستان    ٪ 60 – افغانستان  ٪  43

مصطفي ڪمال پنهنجي ملڪ ۾ تعليمي شرح کي وڌائڻ ۾ ايترو چاهه پيو رکي جو هو ڪيترن ئي اسڪولن ۾ وڃي خود ٻارن کي لاطيني ٻولي جو رسم الخط سيکاريندو  هو، اهو سندس مشاهدو  هو ته ٻار عربي جي ڀيٽ ۾ لاطيني رسم الخط جلدي سکي وڃن ٿا.

ترڪي جون عورتون مردن جي ڀيٽ ۾ تعليم جي ميدان ۾ تمام گهٽيون پوئتي هيون. انهيءَ ڪري ڪمال مصطفي عورتن ۽ مردن جي گڏيل تعليم جو حامي هو.

هو مردن ۽ عورتن جي برابر واري حيثيت تي يقين رکندڙ  هو انڪري هن طلاق ۽ وراثت جي پراڻن قانونن کي رد ڪندي عورتن ۽ مردن جي برابري وارا قانون جاري ڪيا. اهڙي

طرح سياست ۾ پڻ عورتن کي مردن جيترو حق ڏنو. انهيءَ کري 1934 ۾ ترڪ عورتن کي ووٽ ڏيڻ جو حق مليو جيڪو ان وقت تائين يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن کي نه ملي سگهيو هو.

ترڪي ۾ 1934 ۾ هڪ نئون قانون رائج ٿيو ته ترڪي جي ماڻهن کي ڪا رڪنيت (خانداني نالو) اختيار ڪرڻو هوندو. ترڪ پارليامينٽ مصطفي ڪمال کي ”اتا ترڪ“ جي رڪنيت سان نوازيو. جنهن جو مطلب آهي ”ترڪن جو پيءُ“ هن پنهنجي ملڪ کي ذهني، علمي ۽ معاشي بدحالي جي اونده جي ڍيڻ کان ڪڍي روشن خيالي جي دنيا ۾ پهچايو هو. سامراجي طاقتون جيڪي ترڪي کي ٽڪڙا ٽڪڙا ڪرڻ چاهين پيون انهن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. انهيءَ ڪانسواءِ ترڪن کي هڪ آزاد رياست جيي شهري هجڻ جو وڏو اعزاز فراهم ڪيو. انهيءَ ڪانسواءِ هن ڪتاب پڻ لکيا. راتين جو اوجاڳا ڪندي لکڻ پڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو.

اتا ترڪ جي وفات هڪ طرح سان ننڍي عمر ۾ ئي ٿي، يعني 57 سالن ۾. پر ايتري عرصي ۾ هن پنهنجي ملڪ ۽ اتان جي ماڻهن جي قسمت بدلائي ڇڏي.

**آمنه اظفر**

**سنڌيءَ ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**